SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1996

SINDH ACT NO.V OF 1996

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ ايڪٽ، 1995

THE BILAWAL INSTITUTE OF HISTORICAL RESEARCH ACT, 1995

فهرست (CONTENTS)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement
2. وصفون
Definitions
3. اداري جو قيام
Establishment of the Institute
4. انتظاميه
Management
5. بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board
6. چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميداريون ۽ ڪم
Duties and functions of Chairman and members
7. بورڊ جون گڏجاڻيون
Meetings of the Board

8. اداري جا ڪم
Functions of Institute
9. اداري جا اختيار
Powers of the Institute
10. ڊائريڪٽر جنرل
Director General
11. آفيس ملازمن جي ملازمت لاءِ پرتي جا شرط وغيره
Recruitment conditions of service for office servants, etc
12. فنڊ
Fund
13. بجيٽ
Budget
14. اڪائونٽ
Account
15. آڊٽ
Audit
16. حڪومت جي درخواست
Requisition of Government
17. ساليانيون رپورٽون
Annual Reports
18. سرڪاري ملازم
Public Servant
19. ڪارروائي تي پابندي
Jurisdiction barred
20. ضمانت
Indemnity
21. قاعدا
Rules

سنڌ ايڪٽ نمبر V مجريه 1996

SINDH ACT NO.V OF 1996

بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ ايڪٽ، 1995

THE BILAWAL INSTITUTE OF HISTORICAL RESEARCH ACT, 1995

[1 فيبروري 1996]

تمهيد (Preamble)

ايڪٽ جنهن ذريعي خصوصي طور تي سنڌ صوبي جي تاريخ جي مطالعي ۽ ان بابت تحقيق ڪرڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ادارو قائم ڪيو ويندو.

جيئن ته خصوصي طور تي سنڌ صوبي جي تاريخ جي مطالعي ۽ ان بابت تحقيق ڪرڻ کي هٿي وٺرائڻ لاءِ ادارو قائم ڪرڻ ضروري ٿي پيو آهي، جيڪو هن ريت هوندو؛

ان کي هن ريت عمل ۾ آندو ويندو:

باب -I

شروعاتي

مختصر عنوان ۽ شروعات
Short title and commencement

1. (1) هن ايڪٽ کي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ ايڪٽ، 1995 سڏيو ويندو.

(2) هي فوري طور تي لاڳو ٿيندو.

وصفون
Definitions

2. هن ايڪٽ ۾، جيستائين ڪجهه مضمون ۽ مفهوم جي متضاد نه هجي، تيستائين:

(i) "بورڊ" جو مطلب آهي دفعه 6 تحت جوڙيل بورڊ؛

(ii) "چيئرمين" جو مطلب آهي بورڊ جو چيئرمين؛

(iii) "ڊائريڪٽر جنرل" جو مطلب آهي اداري جو ڊائريڪٽر جنرل؛

(iv) "فنڊ" جو مطلب آهي اداري جو فنڊ؛

(v) "حڪومت" جو مطلب آهي سنڌ حڪومت؛

(vi) "ادارو" جو مطلب آهي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ؛

(vii) "ميمبر" جو مطلب آهي بورڊ جو ميمبر؛

(viii) "بيان ڪيل" جو مطلب آهي قاعدن يا ضابطن موجب بيان ڪيل؛

(ix) ”ضابطا“ جو مطلب آهي هن ايڪٽ تحت جوڙيل ضابطا؛

(x) ”قاعدا“ جو مطلب آهي هن ايڪٽ تحت جوڙيل قاعدا.

اداري جو قيام
Establishment of the Institute

باب -II
اداري جو قيام

3.(1) هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ هڪ ادارو قائم ڪيو ويندو، جنهن کي بلاول انسٽيٽيوٽ آف هسٽاريڪل ريسرچ سڏيو ويندو.

(2) ادارو هڪ بادي ڪارپوريٽ هوندو، جنهن کي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب پنهي قسم جي منقوله ۽ غير منقوله ملڪيت حاصل ڪرڻ ۽ رکڻ جي حقيقي وارثي ۽ عام مهر هوندي ۽ ساڳئي نالي سان ڪيس ڪري سگهندو ۽ ان تي ڪيس ٿي سگهندو.

انتظاميه
Management

(3) اداري جو هيڊ ڪوارٽر نوابشاهه ۾ هوندو.

4. (1) اداري جي عام رهنمائي ۽ انتظاميا ۽ ان جا معاملا بورڊ جي هٿ هيٺ هوندا، جيڪو سمورا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو ۽ اهي سمورا ڪم ڪري سگهي ٿو جيڪي اداري طرفان ڪيا وڃڻا هجن.

بورڊ جي جوڙجڪ
Constitution of the Board

(2) بورڊ پنهنجا ڪم ڪرڻ لاءِ هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ جوڳن اصولن تي عمل ڪندو ۽ پاليسي معاملن بابت سوالن تي وقت بوقت حڪومت طرفان رهنمائي حاصل هوندي.

(3) جيڪڏهن ڪو سوال اٿي ته ڪو معاملو پاليسي معاملو آهي يا نه ته، حڪومت جو فيصلو حتمي هوندو.

5. (1) بورڊ چيئرمين تي مشتمل هوندو جيڪو وڏو وزير هوندو ۽ اهڙا سرڪاري ميمبر جيڪي پنجن

کان وڌيڪ نه هجن ۽ غير سرڪاري ميمبر جيڪي ڏهن کان وڌيڪ نه هجن، جيئن حڪومت طرفان مقرر ڪيا وڃن.

(2) وڏي وزير جي غير موجودگي ۾ چيف سيڪريٽري چيئرمين جون ذميواريون نپائيندو.

(3) ميمبر، سواءِ ايڪس آفيشو ميمبرن جي، جيستائين حڪومت هدايت نه ڪري، ٽن سالن جي عرصي لاءِ عهدو رکي سگهندا.

(4) ڪو ميمبر بورڊ جي ميمبر طور مدو پورو ٿيڻ تي ٻيهر ٽن سالن جي مدي لاءِ ميمبر چونڊجڻ لاءِ اهل هوندو يا اهڙي ٿوري عرصي لاءِ جيئن حڪومت طئي ڪري.

(5) بورڊ جو ڪو قدم يا ڪارروائي بورڊ ۾ ڪنهن آسامي، يا بورڊ جي جوڙجڪ ۾ ڪنهن نقص جي صورت ۾ غير موثر نه ٿيندا.

(6) ڪو به ميمبر سواءِ ايڪس آفيشو ميمبر جي، هٿ لکت سان حڪومت کي پنهنجي عهدي تان استعيفيٰ اماڻي سگهي ٿو.

(7) بورڊ ڪنهن ماڻهو کي ڪنهن خاص مقصد يا مخصوص عرصي لاءِ ميمبر مقرر ڪري سگهي ٿو.

(8) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جو ميمبر/سيڪريٽري هوندو.

چيئرمين ۽ ميمبرن جون ذميداريون ۽ ڪم

Duties and functions of Chairman and members

6. (1) چيئرمين ۽ ميمبر اهڙيون ذميواريون نپائيندا ۽ اهڙا ڪم ڪندا جيئن انهن کي هن ايڪٽ تحت سونپيا ويندا.

بورڈ جون گڏجاڻيون

Meetings of the Board

(2) جيستائين بورڊ مڪمل طور جوڙيو نه وڃي، چيئرمين، بورڊ جون ذميواريون نپائيندو ۽ ڪم سرانجام ڏيندو ۽ اختيار استعمال ڪندو.

اداري جا ڪم

Functions of

Institute

7. بورڊ جون گڏجاڻيون اهڙن وقتن ۽ اهڙن هنڌن تي ۽ اهڙيءَ ريت ٿينديون جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

بشرطيڪ جيستائين ان سلسلي ۾ ضابطا جوڙيا وڃن، بورڊ جون گڏجاڻيون تڏهن ڪوٺايون ويندیون، جڏهن چيئرمين چاهي.

باب -III

اداري جا ڪم، اختيار ۽ ذميواريون

اداري جا اختيار
Powers of the Institute

8. اداري جا ڪم هيٺين ريت هوندا:

(i) تاريخ جي مطالعي کي هٿي وٺرائڻ ۽ ان سلسلي ۾ ڄاڻ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ تاريخ جي تحقيق لاءِ گنجائشون جوڙڻ، جيئن مناسب هجي؛

(ii) ٻين ساڳئي قسم جي ادارن سان پاڻ کي جوڙڻ ۽ تاريخ جي مطالعي جي بهتري ۽ هٿي وٺرائڻ لاءِ فيڪلٽيز قائم ڪرڻ ۽ ان جا ڪم ۽ ذميواريون سرانجام ڏيڻ؛

(iii) تاريخ ۾ تحقيق ۽ پيشيورانه تربيت لاءِ ٻين فيڪلٽيز کي سهڪار فراهم ڪرڻ؛

(iv) تحقيق لاءِ تاريخي مواد حاصل ڪرڻ ۽ محفوظ ڪرڻ؛

(v) ڊڪشنريز، انسائيڪلوپيڊيا ۽ ٻين تاريخ تي حوالاجاتي ڪتاب بشمول دنيا خاص طور تي پاڪستان ۽ سنڌ جي شخصيتن جون بايوگرافيز ۽ آٽوبايوگرافيز جي تياري/ڇپائي ڪرائڻ ؛

(vi) مختلف ٻولين ۾ تاريخي ۽ قومي اهميت جي مواد جي ترجمي ۽ ڇپائي جو انتظام ڪرڻ،

(vii) تاريخ خاص طور تي سنڌ سان لاڳاپيل هيومنٽيز بابت سلسليوار تاريخي جرنلس شايع ڪرائڻ؛

(viii) سنڌ جي سوشو- ڪلچرل تاريخ تيار ڪرڻ؛

(ix) پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي تاريخ مان اتساهي ڪهاڻيون تيار ڪرڻ ۽ شايع ڪرائڻ؛

(x) پاڪستان خاص طور تي سنڌ جي تاريخ جي مطالعي ۽ تحقيق جي حوالي سان سيمينار ۽ ليڪچر منعقد ڪرڻ ۽ ان حوالي سان سنجيده ۽ بامقصد اپاءَ وٺڻ؛

(xi) دنيا خاص طور تي پاڪستان ۽ سنڌ جي تاريخ جي اسلامي تاريخ جي روشني ۾ پڙهائي ۽ تحقيق تي ليکڪن ۽ عالمن ۾ انعام ۽ ايوارڊ ورهائڻ ۽ اسڪالرشپس ڏيڻ.

9. (1) هن ايڪٽ جي ٻين گنجائشن موجب، ادارو اهڙا اپاءَ وٺي سگهي ٿو ۽ اهڙا اختيار استعمال ڪري سگهي ٿو جيڪي هن ايڪٽ جي مقصدن حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجن.

(2) ذيلي دفعه (1) هيٺ مليل اختيارن جي عام حيثيت سان بنا تضاد جي، اداري کي هيٺيان اختيار حاصل هوندا.

(a) بجيٽ ۾ منظور ٿيل خرچ ڪرڻ، جيڪو هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضروري هجي؛

(b) اداري جي ملڪيت ۽ فنڊس حاصل ڪرڻ، رکڻ، ضابطو رکڻ، سنڀالڻ ۽ نيڪال ڪرڻ؛

(c) اهڙن سمورن ٺيڪن ۾ داخل ٿيڻ جن ۾ اهو ضروري سمجهي؛

(d) ڪنهن اسڪيمن جي تياري يا اسڪيم لاءِ منصوبو جوڙڻ لاءِ ڪنهن ايجنسي کان مشورو يا سهڪار حاصل ڪرڻ ۽ اهڙي ايجنسي اداري کي گهربل مشورو يا سهڪار پنهنجي حيثيت، ڄاڻ ۽ فيصلي سان ڏيندي، ۽ ڪو خرچ، جيڪڏهن اهڙي مشوري يا سهڪار ڪرڻ تي اچي ته اهو ادارو

ڊائريڪٽر جنرل
Director General

برداشت ڪندو؛

(e) اداري جي اڪائونٽس جي آڊٽ جو انتظام ڪرڻ؛

(f) حڪومت کان لکت ۾ اڳواٽ منظوري سان فنڊس گڏ ڪرڻ ۽ رقم اڌار وٺڻ اهڙين شرطن تي، جيئن حڪومت طرفان منظوري ڏني وڃي؛ ۽

(g) ٻيو ڪو ڪم مڪمل ڪرڻ جيڪو ضروري هجي يا اداري جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ لازمي هجي.

باب -IV

قيام

10. (1) حڪومت ڪل وقتي ڊائريڪٽر جنرل اهڙي تعليمي قابليت ۽ اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪندي، جيئن اها طئي ڪري.

آفيس ملازمن جي ملازمت لاءِ پرتي جون شرطون وغيره

Recruitment conditions of service for office servants, etc

(2) ڊائريڪٽر جنرل بورڊ جو چيف ايگزيڪيوٽو هوندو ۽ موثر ضابطو رکندو ۽ بورڊ جي هدايت ۽ نظرداري هيٺ اداري جي روز مرهه جي معاملن جي بهتر نموني ڪم ڪرڻ جو ذميوار هوندو.

(3) خاص طور تي ۽ اڳوٽ مليل اختيارن جي عام حيثيت سان تضاد کانسواءِ، ڊائريڪٽر جنرل:

(a) اداري جي اسڪيمن تي نظرداري ڪرڻ ۽ ان تي بهتر نموني عملدرآمد ڪرائڻ لاءِ ذميوار هوندو ۽ ان کي انهن معاملن تي اختيار حاصل هوندو؛

(b) اداري جي ملازمن تي انتظامي ضابطو رکندو؛

(c) اداري جي سلسلي ۾، اهڙن انتظامي ۽ مالياتي اختيارن جو استعمال ڪندو، جيئن ضروري سمجهي.

فنڊ

Fund

(d) بورڊ کي سالياني بجيٽ جون تجويزون پيش ڪندو؛

(e) بورڊ لاءِ اداري جي سالياني رپورٽ تيار ڪندو؛

۽

(f) ڪنهن هنگامي صورت ۾ اداري طرفان ڪم ڪندو ۽ ڪو به قدم ڪٽڻ بابت بورڊ جي ايندڙ گڏجاڻيءَ ۾ ان بابت آگاهه ڪندو ۽ اهڙيءَ ريت ڪنهن قدم جي بورڊ کان توثيق حاصل ڪندو.

11. (1) ادارو بهتر ڪارڪردگي لاءِ اهڙي تعليمي قابليت ۽ تجربو رکندڙ عملدار ۽ ٻيو اسٽاف اهڙين شرطن ۽ ضابطن تحت مقرر ڪري سگهي ٿو، بشمول پرووِيڊنٽ، پينيوولينٽ فنڊ ۽ گروپ انشورنس لاءِ فنڊ جي جوڙجڪ ۽ انتظام جي، جيئن ضابطن ۾ چاڻايو ويو هجي.

(2) ذيلي دفعه (1) تحت مقرر ڪيل عملدار ۽ اسٽاف اهڙي انتظامي ڪارروائي جو مستحق هوندو ۽ اهڙي طريقي جيئن قاعدن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

باب -V

ماليات

12. اداري جو هڪ ڏار فنڊ هوندو جيڪو حڪومتي گرانٽس، ڊونيشنز، منقوله يا غير منقوله ملڪيت جي سيل پروسيڊس تي مشتمل هوندو، بشمول اداري جي ڪتابن ۽ اشاعتن جي ۽ اداري طرفان حاصل ڪرڻ لائق ٻيون رقمون ۽ حاصل ڪيل ٻين قرضن جي.

13. بجيٽ اهڙيءَ ريت تيار ڪئي ۽ منظور ڪئي ويندي جيئن ضابطن ۾ بيان ڪيو ويو هجي.

14. (i) فنڊس گورنمينٽ ٽريزري ۾ رکيا ويندا.

(ii) اداري جا اڪائونٽس گڏيل طور تي ڊائريڪٽر جنرل ۽ هڪ ميمبر يا بورڊ طرفان بااختيار بڻايل عملدار طرفان سنڀاليا ويندا.

15. (i) اداري جا اڪائونٽس اهڙي طريقي ۽ اهڙي نموني سنڀاليا ويندا جيئن بيان ڪيو ويو هجي.

بجيٽ
Budget

اڪائونٽ
Account

آڊٽ
Audit

حڪومت جي درخواست
Requisition of Government

ساليانيون رپورٽون
Annual Reports

سرڪاري ملازم
Public Servant

ڪارروائي تي پابندي
Jurisdiction barred

(ii) اڪائونٽس جي آڊيٽر جنرل پاڪستان طرفان آڊٽ ڪئي ويندي.

ضمانت
Indemnity

باب -VI
متفرقات

قاعدا
Rules

16. حڪومت اداري کان ڪا معلومات، ريٽرن اسٽيٽمينٽ يا اداري سان لاڳاپيل ڪنهن معاملي جي حوالي سان انگ اکر طلب ڪري سگهي ٿي ۽ ادارو اهڙي درخواست تي عمل ڪندو.

17. ادارو هر مالي سال جي اختتام تي ان جي ڪاروهنوار ۽ ڪارڪردگي بابت سالياني رپورٽ تيار ڪندو ۽ شايع ڪندو ۽ ان جي شايع ٿيڻ جي پندرنهن ڏينهن اندر حڪومت کي پيش ڪندو.

18. سمورا ماڻهو جيڪي هن ايڪٽ جي گنجائشن موجب ڪم ڪري رهيا هجن يا ڪم جي دعويٰ ڪري رهيا هجن اهي پاڪستان پينل ڪوڊ جي دفعه 21 موجب سرڪاري ملازم سمجهيا ويندا.

19. ڪنهن به عدالت کي هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي ڪا هدايت جاري ڪرڻ يا ڪو حڪم جاري ڪرڻ يا ان سلسلي ۾ ڪا ڪارروائي ڪرڻ جو اختيار حاصل نه هوندو.

20. ڪو مقدمو يا قانوني ڪارروائي حڪومت، اداري يا ڪنهن ٻئي شخص خلاف هن ايڪٽ تحت ڪيل ڪنهن ڪم يا ڪجهه ڪرڻ جي ارادي تي نه ٿيندو.

21. حڪومت هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ قاعدا جوڙي سگهي ٿي.

22. هن ايڪٽ جي گنجائشن ۽ قاعدن موجب ادارو هن ايڪٽ جا مقصد حاصل ڪرڻ لاءِ ضابطا جوڙي

سگهي ٿو.

نوٽ:- ايڪٽ جو مذڪوره ترجمو عام ماڻهن جي واقفيت لاءِ آهي جيڪو ڪورٽ ۾ استعمال نٿو ڪري سگهجي.